SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 1975

# SINDH ACT NO.XVIII OF 1975

# سنڌ بورڊ براءِ فني تعليم (ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1975

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970 جي دفعه I جي ترميم

Amendment of section I of Sindh Ordinance XVI of 1970

3. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970 ۾ دفعات 14_A ۽ 14_B جو اضافو

Insertion of section 14_A and 14_B in Sindh Ordinance XVI of 1970

4. سنڌ آرڊيننس III مجريه 1975 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance III of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريہ 1975

# SINDH ACT NO.XVIII OF 1975

# سنڌ بورڊ براءِ فني تعليم (ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1975

[1 نومبر 1975]

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ بورڊ براءِ فني تعليم آرڊيننس، 1970 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ بورڊ براءِ فني تعليم آرڊيننس، 1970 ۾ هن ريت اضافي ترميم ڪئي ويندي.

ان ڪي هن ريت جوڙيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ بروڊ براءِ فني تعليم (ترميم) ايڪٽ، 1975 چيو ويندو.

(2) هي هڪدم سان لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ

2. سنڌ بورڊ براءِ فني تعليم آرڊيننس 1970 جي دفعہ 1 ۾ هي ذيلي دفعہ (3) وڌايو ويندو.

| | |
|---|---|
| 1970 جي دفعہ I جي ترميم<br><br>Amendment of section I of Sindh Ordinance XVI of 1970 | "(3) هن جو اطلاق اهڙي شخص تي نہ ٿيندو جيڪو ڪنهن بہ لاڳو قانون هيٺ سڪيا جي عمل کان گذري رهيو هجي." |
| سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 ۾ دفعات 14_A ۽ 14_B جو اضافو<br><br>Insertion of section 14_A and 14_B in Sindh Ordinance XVI of 1970 | 3. ترميم هيٺ آيل هن آرڊيننس جي دفعہ 14 کانپوءِ هيٺيون دفعات 14_A ۽ 14_B شامل ڪيون وينديون.<br><br>"14_A. ڪو بہ شخص ان وقت تائين ووڪيشنل، ٽيڪنيڪل يا ڪمرشل مضمونن ۾ ڪو ڊپلوما يا سرٽيفڪيٽ جاري نٿو ڪري سگهي، جيڪي بورڊ ذيلي دفعہ 14 موجب تدريسي اسڪيم ۾ شامل ڪيا آهن.<br><br>وضاحت: هن دفعہ ۾ "فرد" ۾ بورڊ جي ڪارپوريٽ يا آرگنائيزيشن يا ادارو شامل هوندا.<br><br>"14_B. (1) هن آرڊيننس يا قاعدن قانونن جي ڪو بہ خلاف ورزي ڪري تہ هن کي سزا ڏني ويندي، جيڪا هڪ سال قيد هوندي ۽ جرمانو 50 هزار رپين تائين ٿي سگهي ٿو يا وري سزا ۽ جرمانو ٻئي.<br><br>(2) هن آرڊيننس، قاعدن ۽ قانونن جي جيڪڏهن خلاف ورزي ڪئي ويندي:<br><br>(a) بادي ڪارپوريٽ، ڪنهن ڊائريڪٽر، مئنيجر، سيڪريٽري |

يا ٻين عملدارن يا نمائندن يا،

(b) ٻيو ادارو آرگنائيزيشن يا تنظيم، هر ڪو ميمبر يا شراڪت دار جيڪي ٻہ هجن، يا مئنيجر يا مکيہ عملدار جيڪي انهي آرگنائيزيشن، اداري کي هلائيندڙ هجن.

جيستائين اهو ثابت نٿ ٿو ڪري تہ جيڪا خلاف ورزي ٿي آهي، اها غير دانستہ اڻڄاڻائي طور ٿي آهي، يا هن جي علم ۾ آڻڻ جي بنا ٿي آهي ۽ هو هن خلاف ورزي کي روڪڻ ۾ ناڪام رهيو آهي تہ هن کي بہ هن خلاف ورزي جو قصور وار سمجهيو ويندو.

(3) هن آرڊيننس هيٺ ٿيل جرم تي ڪا بہ ڪورٽ عدالتي ڪارروائي ڪري نہ ٿي سگهي، سواءِ ان جي تہ لکت ۾ رپورٽ ڏئي ٻڌايو وڃي تہ چيئرمين يا هن طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن ماڻهوءَ کان جرم ٿيو آهي.

| | |
|---|---|
| 4. سنڌ بورڊ براءِ فني تعليم (ترميم) آرڊيننس، 1975 کي رد ڪيو ويو. | سنڌ آرڊيننس III مجريہ 1975 جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance III of 1975 |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**